
# مفتي نقي علي خان جون ٿي ڪرامتون

**08-July-2021**



هفتيوار سنتن ڀري اجتماع ۾ ٿيڻ وارو
سُنّتن ڀريو بيان

(For Islamic Brothers)

**8 جولاءِ 2021 تي پاڪستان جي هفتيوار اجتماعن ۾ ٿيڻ وارو بيان**

# مفتي نقي علي خان جون ٽي ڪرامتون

**هن بيان ۾ اوهان ڄاڻي سگهندؤ..........**

- ❖... عِلم ۽ عُلَما بابت ڪجھ فضيلتون
- ❖... مفتي نقي علي خان رَحمَۃُاللہِعَلَیْه جو مختصر تَعارف
- ❖... مفتي نقي علي خان رَحمَۃُاللہِعَلَیْه جو عشق رسول
- ❖... مفتي نقي علي خان رَحمَۃُاللہِعَلَیْه جون ٽي ڪرامتون.

پيشڪش
**مجلس اَلْمَدِیْنَۃُ الْعِلْمِیه**(اسلامک ريسرچ سينٽر)
(شعبہ بیاناتِ دعوتِ اسلامی)
**ترجمو**
**ٽرانسليشن ڊيپارٽمنٽ**(دعوتِ اسلامي)

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ط بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ط

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا رَسُوْلَ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا حَبِيْبَ الله

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا نَبِيَّ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا نُوْرَ الله

نَوَيْتُ سُنَّتَ الْاِعْتِكَافِ

**(مون سنّتِ اعتڪاف جي نيّت ڪئي)**

**پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! مسجد مسلمان جي پناھ گاھ آھي. مسجد ۾ ڪثرت سان اچڻ جي عادت بڻايو، اِنْ شَآءَ الله! شيطان ڪان بہ حفاظت ٿيندي، گُناھن ڪان بہ محفوظ رھندا. ھڪ ٻيو ڪم ڪريو! جڏھن بہ مسجد ۾ اچو، ياد ڪري اعتڪاف جي نيت بہ ڪري وٺو! ان جا بہ 2 فائدا ٿيندا: پھريون اھو تہ جيستائين مسجد ۾ رھندؤ، نفل اعتڪاف جو ثواب ملندو رھندو، ٻيو اھو جو مسجد ۾ کائڻ، پيئڻ، سمھڻ، سحري افطاري ڪرڻ، دَم ڪيل پاڻي پيئڻ وغيره جائز ناھي، اعتڪاف جي نيت ڪندا تہ ضمناً اھي شيون بہ جائِز ٿي وينديون.**

## درودِ پاڪ جي فضيلت

**حضورِ انور، سلطانِ بَحرو بَر** صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ **جو فرمانِ عاليشان آھي: فرض حج ڪيو! بيشڪ ھن جو اجر 20 غزوات ۾ شرڪت ڪرڻ ڪان وڌيڪ آھي ۽ مون تي ھڪ ڀيرو دُرُود پاڪ پڙھڻ ان جي برابر آھي.** (مسند الفردوس، باب:الحاء، جلد:2، صفحہ:130، حديث:2662)

ڪون جانے دُرُود کی **قیمت** ہے عجب دُرِّ شاہوار دُرُود
ہم کو پڑھنا خدا نصیب کرے دَم بدم اور بار بار دُرُود

(کافی کی نعت، صفحہ:38)

# بيان ٻڌڻ جون نِيَّتون

حديثِ پاڪ ۾ آهي: اَفۡضَلُ الۡعَمَلِ اَلنِّيَّةُ الصَّادِقَةُ سچي نيت اَفضَل ترين عَمل آهي.

(جامع صغير، صفحہ:81، حديث:1284)

**اي عاشقانِ رسول!** هر جائز ڪم کان پهريان سٺيون نيتون ڪرڻ جي عادت بنائڻ گهرجي، ڇوته سٺي نيت انسان کي جنَّت ۾ داخِل ڪرائيندي آهي. بيان ٻڌڻ کان پهريان به سٺيون سٺيون نيتون ڪري وٺو! مثال طور نيت ڪريو! ❖ عِلَم دين سکڻ جي لاءِ سڄو بيان ٻڌندس ❖ اَدَب سان ويهندس ❖ بيان دوران سُستي کان بچندس ❖ پنهنجي اِصلاح جي لاءِ بيان ٻُڌندس ❖ جيڪو ٻُڌندس، اهو ٻين تائين پهچائڻ جي ڪوشش ڪندس.

صَلُّوا عَلَى الحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

**پيارا اسلامي ڀائرو!** ذِيقَعدة الحَرام جي 29 يا 30 تاريخ تي اعليٰ حضرت، امامِ اهلسنت، شاهه امام اَحمَد رضا خان رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه جي والِدِ محترم رَئِيسُ المُتَڪلِّمِين مولانا نقي علي خان رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه جو عُرسِ پاڪ ٿيندو آهي، انهيءَ مُناسبت سان اڄ اسان اِن شَآءَ الله الڪرِيم! حضرت عَلَّامہ مولانا **نقي علي خان** رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه جي سيرت پاڪ جا ڪجهه پهلو ٻڌڻ ۽ دَرس حاصِل ڪرڻ جي سَعادت حاصِل ڪنداسين. الله پاڪ اسان سڀني کي ڪامِل ولي، عالِمِ باعَمَل **مولانا نقي علي خان** رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه جي فيضان سان مالا مال فرمائي.

اٰمِيۡن بِجَاهِ النَّبِيِّ الۡاَمِيۡن صلَّى الله عليه واٰلهٖ وسلَّم

# عُلَماءِ ڪرام بابت ڪجهه فضيلتون

**اي عاشقانِ رسول!** حضرت عَلَّامہ **مولانا نقي علي خان** رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه وڏي رُتبي وارا ۽ باعَمَل عالِمِ دين هئا، سندن سيرتِ پاڪ جو بيان ٻڌڻ کان پهريان اچو! قرآن ۽ حديث جي روشني ۾ عالم سڳورن بابت ڪجهه فضيلتون ٻڌون ٿا ته جيئن دِل ۾ عالم سڳورن جي اهميت وڌڻ ۽ عِلمِ دِين سکڻ جو شوق پيدا ٿئي.

سيپاري: 3، سورهٔ آلِ عمران، آيت:18 ۾ الله پاڪ ارشاد فرمائي ٿو:

شَهِدَ اللّٰهُ اَنَّهٗ لَاۤ اِلٰهَ اِلَّا هُوَ ۙ وَ الْمَلٰٓىٕكَةُ وَ اُولُوا الْعِلْمِ قَآىٕمًۢا بِالْقِسْطِ ؕ
(پاره3،سورهٔ آلِ عمران:18)

ترجموڪنزالايمان: الله شاهدي ڏني ته ان ڪانسواءِ ڪوبه معبود ڪونهي ۽ ملائڪن ۽ عالمن انصاف سان بيهي ڪري،

والِدِ اعليٰ حضرت، علّامہ **مولانا نقي علي خان** رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه هن آيت جي حوالي سان فرمائن ٿا: هن آيت مان عِلم (۽ عالمن) جون 3 فضيلتون ثابِت ٿيون: (1): الله پاڪ هن آيت ۾ پنهنجي ۽ ملائڪن جي تذڪري سان گڏ عالمن جو ذِڪر فرمايو، اهو اهڙو بُلند رُتبو آهي جو ان جي ڪا انتها ناهي (2): هن آيت ۾ الله پاڪ ملائڪن کي تَوحِيد جو گواهه بڻايو ۽ ملائڪن وانگر عالمن کي به توحيد جو گواهه بڻايو ۽ انهن جي گواهي کي پنهنجي سچي خُدا هئڻ جو دليل قرار ڏنو (3): هن آيت ۾ الله پاڪ عالمن جي گواهي کي ملائڪن جي گواهي وانگر معتبر قرار ڏنو. (فيضانِ علم و علما، صفحہ:9) معلوم ٿيو سچا، باعَمَل، عاشقانِ رسول عالم الله پاڪ جي وحدانِيت جا شاهد آهن.

سيپاري: 28، سوره مُجَادلہ، آيت:11 ۾ الله پاڪ عالمن جي شان ۾ ارشاد فرمائي ٿو:

يَرْفَعِ اللّٰهُ الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا مِنْكُمْ ۙ وَ الَّذِيْنَ اُوْتُوا الْعِلْمَ دَرَجٰتٍ
(پاره28،سورة المجادله:11)

ترجموڪنزالايمان: الله درجا بلند فرمائي ٿو توهان مان انهن جا، جن ايمان آندو ۽ جن کي علم ڏنو ويو.

سُبحٰنَ الله! خبر پئي ته جهڙي طرح اِيمَان درجات جي بلندي جو سبب آهي، اهڙي طرح عِلم جي ذريعي به درجات بلند ٿيندا آهن.

❖ ترمذي شريف جي روايت آهي، الله پاڪ جي آخري نبي، رسولِ هاشمي صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ فرمايو: فَضلُ العَالِمِ عَلَى العَابِدِ كَفَضلِي عَلٰى اَدنَاكُم يعني عالِم جي عابِد تي

**اهڙي فضيلت آهي، جيئن منهنجي فضيلت توهان جي ڪمتر تي.** (ترمذی، کتاب:العلم، باب:ماجاء فی فضل الفقہ علی العبادۃ، صفحہ:632، حدیث:2685) ❖ **هڪ حديثِ پاڪ ۾ اِرشاد فرمايو: قيامت جي ڏينهن الله پاڪ عالمن سڀني کي فرمائيندو: بيشڪ مون پنهنجو عِلم ۽ حِلم توهان کي ان ڪري ڏنو ته جيئن توهان کي بخشي ڇڏيان.** (معجم کبیر، ثعلبہ بن حَکَمْ اللیثی، جلد:2، صفحہ:354، حدیث:1364) ❖ **مڪي مدني آقا، اَحمد مصطفيٰ** صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ **جن فرمايائون: قيامت جي ڏينهن الله پاڪ عبادت ڪرڻ وارن ۽ جهاد ڪرڻ وارن کي حڪم فرمائيندو: جنّت ۾ وڃو! عالم سڀورا عرض ڪندا: اِلٰهي! انهن اسان جي ٻڌائڻ سبب عبادت ڪئي ۽ جهاد ۾ شريڪ ٿيا. حڪم ٿيندو: اي عالمن جي جماعت! توهان مون وٽ ملائڪن جيان آهيو، شَفَاعت ڪيو جو توهان جي شفاعت قبول ٿيندي. پوءِ عالم سڀورا شفاعت ڪندا، پوءِ جنَّت ۾ ويندا.** (احیاء العلوم، علم سکھانے کی فضیلت، جلد:1، صفحہ:60) ❖ **هڪ حديثِ پاڪ ۾ ارشاد ٿيو: جيڪو شخص ٻين کي سيکارڻ جي لاءِ عِلم جو هڪ باب سکي، ان کي 70 صديقن جو اَجر ڏنو ويندو.** (الترغیب والترہیب، کتاب:العلم، صفحہ:45، حدیث:19) ❖ **منقول آهي، الله پاڪ حضرت ابراهيم** عَلَیہ السَّلَام **کي فرمايو: اي ابراهيم! مان عِلم وارو آهيان، عِلم واري کي دوست رکان ٿو.** (جامع بیان العلم، جلد:1، صفحہ:209، حدیث:236)

*مجھ کو اے عطار سُنّی عالِموں سے پیار ہے اِنْ شَآءَ اللہ دو جہاں میں میرا بیڑا پار ہے*

(وسائِلِ بخشش، صفحہ:699)

صَلُّوا عَلَی الحَبِیب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

**سُبحٰنَ الله! پيارا اسلامي ڀائرو! اندازو ڪريو! عالم سڀورا ڪيڏي وڏي شان وارا آهن، الله پاڪ اسان کي به عاشقانِ رسول عُلماءِ ڪرام جو فيضان نصيب فرمائي. اچو! الله پاڪ جي هڪ ڪامِل ولي، وڏي بلند رُتبي واري باعَمَل عالِمِ دين، تَاجُ العُلَما، رَئِيسُ المُتَڪلّمِين، حضرت علاّمه مولانا نقي علي خان** رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡہ **جو ذِڪرِ خير ڪيون ۽ ٻڌون ٿا.**

## مفتي نقي علي خان رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جو مختصر تَعَارف

❖ والِدِ اعليٰ حضرت، عالِمِ باعَمَل مولانا نقي علي خان رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جمادي الأُخريٰ يا رجب المرجب جي مهيني ۾ 1246 هجري تي بريلي شريف ۾ پيدا ٿيا (فضائلِ دُعا، صفحہ:36) ❖ سندن والِد يعني اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جا ڏاڏا سائين مولانا رضا علي خان رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه پنهنجي وقت جا زبردست عالِم دين، باڪرامت ولي، وڏا متقي، پرهيز گار ۽ عِبَادت گذار هئا. حضرت علامہ مولانا نقي علي خان رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه تمام عُلُوم پنهنجي والِد صاحب ئي کان سکيا. (حياتِ اعلىٰ حضرت، جلد1، صفحہ:39) ❖مولانا نقي علي خان رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه ننڍپڻ ئي کان متقي، پرهيزگار هئا. الله پاڪ جي فضل سان شروع ئي کان طبيعت نيڪي ڏانهن مائِل هئي، پوءِ مولانا رضا علي خان رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي تعليم و تربيت ان ۾ مزيد نکار پيدا ڪري ڇڏيو ❖ 1294 هجري ۾ مولانا نقي علي خان رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه مارهره شريف حاضِر ٿيا ۽ شاهہ آلِ رسول مارهروي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي هٿ تي بيعت ڪيائون، شاهہ آلِ رسول رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه مولانا نقي علي خان رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي نيڪي، تقويٰ، پرهيز گاري، اعليٰ اخلاق ۽ ڪردار ۽ بلند شان ڏسي انهيءَ وقت پاڻ کي قادري، سهروردي، چشتي، نقشبندي چئني سلسلن جي اجازت ۽ خلافت سان نوازيائين ۽ سَنَدِ حديث بہ عطا فرمائي. ان وقت سيدي اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه بہ پنهنجي والِد مولانا نقي علي خان رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه سان گڏ حاضِر هئا. پاڻ بہ انهيءَ وقت شاهہ آلِ رسول رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي هٿ تي بيعت ڪئي ۽ اعليٰ حضرت کي بہ پير ۽ مرشِد جي طرفان انهيءَ مهل چئني سلسلن جي اجازت ۽ خلافت عطا ٿي. (فضائلِ دُعا، صفحہ:40) ❖ والِدِ اعليٰ حضرت مفتي نقي علي خان رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه عِلمِ دين سکڻ ۽ سيکارڻ جا وڏا شوقين هئا ❖ والِدِ اعليٰ حضرت مفتي نقي علي خان رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه ماڻهن کي عِلمِ دين جو شوق ڏياريندا رهندا هئا ❖ والِدِ اعليٰ حضرت مفتي نقي علي خان رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه پنهنجو سڄو وقت دين پڙهڻ ۽ پڙهائڻ ۽ ٻين ديني ڪمن ۾ گذاريندا هئا ❖ والِدِ اعليٰ حضرت مفتي نقي علي خان رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي بارگاهہ ۾ عام طور اَهلِ عِلم موجود رهندا هئا ❖ والِدِ اعليٰ حضرت مولانا نقي علي خان رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه گفتگو ڪندا هئا تہ ايئن لڳندو

هو تہ جيئن عِلم جو سمنڊ ڇوليون هڻي رهيو هجي ❖ **والِدِ اعليٰ حضرت مفتي نقي علي خان** رَحۡمَۃُ اللہِ عَلَیۡہ **مشڪل** ڪان مشڪل مسئلو سولائي سان سمجهائيندا هئا ❖ **والِدِ اعليٰ حضرت مفتي نقي علي خان** رَحۡمَۃُ اللہِ عَلَیۡہ پنهنجي گفتگو ۾ قرآني آيتن ۽ حديثن جا ڪثرت سان حوالا ڏيندا هئا ❖ **والِدِ اعليٰ حضرت مفتي نقي علي خان** رَحۡمَۃُ اللہِ عَلَیۡہ **گهري نظر، پختہ فڪر ۾ پنهنجو مٽ پاڻ هئا** ❖ **والِدِ اعليٰ حضرت مفتي نقي علي خان** رَحۡمَۃُ اللہِ عَلَیۡہ بي پناھ فهم ۽ فراست وارا هئا ❖ **والِدِ اعليٰ حضرت مفتي نقي علي خان** رَحۡمَۃُ اللہِ عَلَیۡہ وڏا عقلمند ۽ دانا هئا ❖ **والِدِ اعليٰ حضرت مفتي نقي علي خان** رَحۡمَۃُ اللہِ عَلَیۡہ **بامُرَوَّت ۽ رُعب ۽ دَبدَبي وارا هئا** (مولانا نقی علی خاں بریلوی، صفحہ:30تا32ملتقطاً) ❖ **سيدي اعليٰ حضرت** رَحۡمَۃُ اللہِ عَلَیۡہ **جي فرمان جو خلاصو** آهي: غور ۽ فڪر، اعليٰ ذهانت، راءِ ۾ پختگي جهڙي صلاحيت **الله پاڪ مولانا نقي علي خان** رَحۡمَۃُ اللہِ عَلَیۡہ **کي عطا فرمائي هئي اهڙي صلاحيت هن علائقي يعني** هند ۾ ڏسڻ لاءِ نٿي ملي ❖ **پاڻ** رَحۡمَۃُ اللہِ عَلَیۡہ **جي فراستِ صادقہ** (يعني خُدا داد دُور انديشي) جي اها حالت هئي جو جنهن معاملي ۾ جيڪو ڪجھ فرمايو اهو ئي ٿيو ❖ **پاڻ** رَحۡمَۃُ اللہِ عَلَیۡہ وڏا بهادر، سخي ۽ بلند همت وارا هئا. ❖ صدقو ۽ خيرات اهو بہ پوشيده طور تي ڪثرت سان ڪندا هئا ❖ جيڪو رِزق ملندو هو، ان تي قناعت ڪندا هئا، وڌيڪ جي لالچ نہ ڪندا هئا ❖اعليٰ حضرت رَحۡمَۃُ اللہِ عَلَیۡہ مزيد فرمائن ٿا: **مولانا نقي علي خان** رَحۡمَۃُ اللہِ عَلَیۡہ **جي اعليٰ فضيلتن جو حقيقي حال اهو ئي ڄاڻي ٿو جنهن سندن برڪت ڀري صحبت جو شرف حاصِل ڪيو آهي جو**

اِیں نہ بحریست کہ در کوزہ تحریر آید

يعني هي اهو سمنڊ ناهي، جنهن کي تحرير جي ڪوزي ۾ بند ڪري سگهجي.

(حیاتِ اعلیٰ حضرت، جلد:1، صفحہ:40)

## مفتي نقي علي خان جا لقب

❖ **سيدي اعليٰ حضرت** رَحۡمَۃُ اللہِ عَلَیۡہ **فتاويٰ رضويہ شريف ۾ پنهنجي والِدِ ماجِد مولانا نقي علي خان** رَحۡمَۃُ اللہِ عَلَیۡہ **جا لقب ۽ فضيلتون ۽ وصف بيان ڪندي فرمائن ٿا:**

اَلاِمَامُ الهُمَّامُ (يعني بلند همت امام) وَالفَاضِلُ الطَّطَامُ (يعني زبردست فاضِل)، وَالبَحرُالطَّامُ (عِلم جو ڇوليون هڻندڙ سمنڊ)، وَالبَدرُالتَّامُ (چوڏهين جو چنڊ)، حَامِيُ السُّنَنِ (سُنَّتن جو مُحَافِظ)، مَاحِي الفِتَنِ (فتنہ مٽائڻ وارا)، ذُو تَصَانِيفِ رَائِقَة (عمده ڪتاب لکندڙ)، بَقِيةُ السَّلَفِ (بزرگن جي نشاني)، حُجَّةُ الخَلَفِ (پنهنجي بعد وارن جي لاءِ دليل)، نَاصِحُ الأُمَّة (اُمَّت کي نصيحت ڪندڙ)، ڪاشِفُ الغُمَّة (مشڪلات حل ڪندڙ)، حَامِي حِمَى الرِّسَالَة عَن كَيدِ اَهلِ الضَّلَالَة (گمراهن جي مڪر وفريب ختم ڪري ناموسِ رسالت تي پهرو ڏيندڙ)، سَيدِي وَمَولَائِي وَمَاوِئِي (منهنجا سردار، منهنجا مولا، منهنجي پناه گاه)، مولانا مولوي محمد نقي علي خان قادري برڪاتي آلِ رسولي الله پاڪ سندن کان راضِي ٿئي. (فتاوٰی رضويہ، جلد:28، صفحہ:495تا496)

قُدرت کا شاہکار ہیں، حضرت نقی علی    پَروَردَہ سرکار ہیں حضرت نقی علی
سیرت میں باوقار ہیں، حضرت نقی علی    صُورت میں رُعب دار ہیں، حضرت نقی علی
مفتی ہیں باکمال تو عاشق بھی بےمثال    آقا کے جاں نثار ہیں حضرت نقی علی
باطِل پہ قہر، حق کی ہیں تلوارِ بےنیام    سُنَّت کے پیروکار ہیں، حضرت نقی علی
والد رضا کے اور ہیں اِبنِ رضا علی    سُنّی کے تاجدار ہیں حضرت نقی علی

صَلُّوا عَلَى الحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## مفتي نقي علي خان رَحمَةُ اللهِ عَلَيه جو عشق رسول

پيارا اسلامي ڀائرو! والِدِ اعليٰ حضرت، حضرت علاَّمہ مولانا نقي علي خان رَحمَةُ اللهِ عَلَيه جو نهايت اَهم ۽ خاص وصف، يا هيئن ڪٽي چئجي تہ مولانا نقي علي خان رَحمَةُ اللهِ عَلَيه جي تمام اَعليٰ وصفن ۽ تمام خوبين جو اَصل آهي: اهو آهي: سندن عشق رسول.

بلڪ بعض ماهرينِ رضويات (يعني جيڪي اعليٰ حضرت رَحمَةُ اللهِ عَلَيه جي سيرت و

ڪردار، سندن تعليمات وغيره تي ريسرچ ڪن ٿا، ان تي مقالا (يعني *Thesis*) لکن ٿا ۽ ان بنياد تي *P.H.D* جي ڊگري حاصِل ڪن ٿا، اُنهن) جو چونڊ آهي: ❖ اعليٰ حضرت رَحۡمَۃُ اللہِ عَلَیۡه امامِ عشق و محبت آهن، ❖ اعليٰ حضرت رَحۡمَۃُ اللہِ عَلَیۡه جي عشق رسول جو مِثال نٿو ملي ❖ اعليٰ حضرت رَحۡمَۃُ اللہِ عَلَیۡه سڄي زندگي عشق رسول ۾ گذاري ❖ سڄي زِندگي آقاءِ نامدار، مدني تاجدار صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جون نعتون لکيون ❖ پاڻ ڪريم صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي عزت و ناموس تي پهرو ڏيندي زندگي گذاري ❖ اعليٰ حضرت رَحۡمَۃُ اللہِ عَلَیۡه جي عشقِ رسول جي تہ ڇا ڳالھ ڪجي جو پاڪ و هند ۾ جيڪا عشقِ رسول جي شمع روشن آهي، اعليٰ حضرت رَحۡمَۃُ اللہِ عَلَیۡه ئي جي دَم سان روشن آهي پر سَوال اهو آهي تہ سيدي اعليٰ حضرت رَحۡمَۃُ اللہِ عَلَیۡه کي عشقِ رسول جي اها بي پناهہ دولت نصيب ڪيئن ٿي؟ ان تي ريسرچ ڪئي وئي تہ ريسرچ ڪرڻ وارن چيو: اسان هن نتيجي تي پهتاسين تہ بيشڪ اعليٰ حضرت، امامِ اهلسنت، شاه امام احمد رضا خان رَحۡمَۃُ اللہِ عَلَیۡه کي عشقِ رسول جي اها بي پناهہ دولت اللّٰہ پاڪ ئي عطا فرمائي هئي پر ظاهري اسباب جي اعتبار سان ڏٺو وڃي تہ جيئن تہ اعليٰ حضرت رَحۡمَۃُ اللہِ عَلَیۡه جا والِد ۽ سندن استاد **مولانا نقي علي خان** رَحۡمَۃُ اللہِ عَلَیۡه تمام وڏي مرتبي جا عاشق رسول هئا، ان ڪري چئي سگهجي ٿو تہ سيدي اعليٰ حضرت رَحۡمَۃُ اللہِ عَلَیۡه جو اهو عشقِ رسول جنهن هڪ جهان کي فيض پهچايو، اهو عشقِ رسول جو ڇوليون هڻندڙ سمنڊ **مولانا نقي علي خان** رَحۡمَۃُ اللہِ عَلَیۡه جي پاڪيزه دِل جي ذريعي ئي اعليٰ حضرت رَحۡمَۃُ اللہِ عَلَیۡه جي دِل ۾ سمائجي ويو هو. (فيضانِ اعلیٰ حضرت، صفحہ:64بتغير قليل)

جان ہے عشقِ مصطفےٰ، روز فزوں کرے خُدا　　جس کو ہو دَرد کا مزہ، نازِ دَوا اُٹھائے کیوں

(حدائقِ بخشش، صفحہ:94)

**وضاحت:** عشقِ مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ اسان جي جان آهي، اللّٰہ ڪري جو اهو عشق ڪڏهن نہ گهٽجي، وڌندو ئي رهي، ڇوتہ جنهن کي عِشق جي درد ۾ مزو ايندو آهي، اهو ان درد جي دوا ناهي وٺندو.

صَلُّوا عَلَی الحَبِیب!　صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## عاشقِ رسول جو سَفرِ مدينہ (حڪايت)

1295 هجري جي ڳالھ آهي، شوَّال جو مهينو هو، والِدِ اعليٰ حضرت **مولانا نقي علي خان** رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه شديد بيمار ٿيا، **جسم جي ظاهري طاقت** ۾ **ڪافِي** ڪمزوري اچي وئي، انهيءَ **حالت** ۾ هڪ **ڏينهن** پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه **آرام فرما هئا،** ظاهري اکيون بند هيون پر قسمت بيدار هئي، دِل جون اکيون **ڪليل** هيون، مدني آقا، مڪي آقا، ٻنهي جهانن جي **داتا** صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ **جن** ڪرم فرمايو، پنهنجي سچي عاشق جي خواب ۾ آيا

سَرِ بالیں، انہیں رَحْمت کی ادا لائی ہے    حال بگڑا ہے تو بیمار کی بَن آئی ہے

سرڪارِ نامدار، مڪي **مدني تاجدار** صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ **پنهنجي** سچي عاشق ڪي حڪم فرمايو تہ مديني هليا اچو...! بس هاڻي بيو ڇا ڪپي، **مولانا نقي علي خان** رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه **جي** اک کُلي، توڙي جو طبيعت ناساز هئي، **ظاهري جسماني طاقت** ۾ **ڪافِي** ڪمزوري هئي پر مدني آقا، محبوبِ **خُدا** صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ **حڪم** فرمائي چڪا هئا، ان ڪري **مولانا نقي علي خان** رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه يڪدم حج ۽ مديني پاڪ حاضِري جو پختو ارادو ڪيو، پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي دوستن محبن، اَهلِ خانہ وغيره گهڻو عرض ڪيو: عاليجاھ...!! طبيعت ناساز آهي، هلڻ ڦرڻ بہ دُشوار آهي، **جيڪڏهن** آئنده سال وڃو تہ بہ سرڪارِ عالي وقار، مدني **تاجدار** صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ **جي** حڪم تي عَمَل ٿي ويندو پر **مولانا نقي علي خان** رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي عشق جو ڪمال ڏسو! طبيعت ناساز، جسماني طور تي ڪافِي ڪمزوري ۽ هاڻي تہ هوائي جهاز تي سَفَر ٿيندو آهي، هند کان ڪجھ ڪلاڪن ۾ مديني پاڪ پهچي سگهجي ٿو، ان وقت بحري جهاز تي، سامونڊي رستي کان سَفَر ٿيندو هو، مديني پاڪ پهچڻ ۾ ڪيئي ڪيئي ڏينهن لڳي ويندا هئا، ان سڀ صُورتِ حال جي باوُجُود سچي عاشق رسول، **مولانا نقي علي خان** رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه دوستن محبن جي عرض تي عشقِ رسول ۾ گم ٿي فرمايو: مديني پاڪ جي ارادي سان قَدَم دروازي کان ٻاهر رکي وٺان، پوءِ چاهي رُوح انهيءَ وقت پرواز ڪري وڃي. (فضائلِ دُعا، صفحہ:40)

شوق روکے نہ رُکے پاؤں اُٹھائے نہ اُٹھے　　کیسی مشکل میں ہیں اللہ تمنّائی دوست

(حدائقِ بخشش، صفحہ:63)

**وضاحت:** يااللہ! محبوب صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ **جي خدمت ۾ حاضِري جي تمنا آهي، شوق اهڙو جو دِل رُڪي نٿي، حال اهو آهي جو پير کڄن نہ پيا، هلڻ دُشوار آهي، اِلٰهي! ڪهڙي مشڪل آهي، منهنجي مدد فرماءِ.**

**مولانا نقي علي خان** رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه **پنهنجي شهزادي اعليٰ حضرت، امام احمد رضا خان** رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه **ءِ گهر جي ڪجھ ٻين ڀاتين ڪي گڏ وٺي حج جي لاءِ روانا ٿي ويا، اعليٰ حضرت** رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه **فرمائن ٿا: سرڪارِ مڪہ مڪرمہ، سردار مدينہ منوره** صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ **خواب ۾ اچي پنهنجي سچي عاشق، مولانا نقي علي خان** رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه **کي هڪ پيالي ۾ دَوا عطا فرمائي، اها دوا پيئڻ جي برڪت سان مرض جي شِدَّت ۾ ڪمي اچي وئي ءِ مولانا نقي علي خان** رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه **حج ءِ زيارت جا تمام اَفعَال تَندُرُستن جيان ادا فرمايا، پوءِ مديني پاڪ بہ بااَدب، پُرڪيف حاضِري ٿي.**

(فضائلِ دُعا، صفحہ:41)

میٹھا مدینہ دُور ہے، جانا ضرور ہے　　جانا ہمیں ضرور ہے، جانا ضرور ہے
ہوتا ہے سخت امتحاں، الفت کی راہ میں　　آتا مگر سُرور ہے، جانا ضرور ہے
عشاق کو تو ملتی ہے غم میں بھی راحت اور　　آتا بڑا سُرور ہے، جانا ضرور ہے
سرکار کا مدینہ یقیناً بلاشُبہ　　قلب و نظر کا نُور ہے، جانا ضرور ہے

(وسائلِ بخشش، صفحہ:486تا487ملتقطاً)

صَلُّوا عَلَى الحَبِيب!　　صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

**پيارا اسلامي ڀائرو! اها آهي مولانا نقي علي خان** رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه **جي عشقِ رسول جي ڪيفيت...! جو سندن کي سرڪارِ عالي وقار، مديني جي تاجدار** صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ **خواب ۾ اچي حڪم فرمايو تہ پاڻ** رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه **ايتري سختي سان عَمَل ڪيو جو**

جان جي پرواهه بہ نہ ڪيائون بلڪ فرمايائون: مدينہ طيبہ جي ارادي سان قدم دروازي جي ٻاهر رکي ونان پوءِ چاهي رُوح پرواز ڪري وڃي. يعني پنهنجي آقا و موليٰ، محبوبِ خُدا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَالِهٖ وَسَلَّمَ جي حڪم تي عمل ڪرڻ جي لاءِ جيڪو ڪجهه منهنجي اختيار ۾ آهي اهو مان ضرور ڪندس، پوءِ الله پاڪ جي رحمت ۽ مدني سرڪار، نبين جي تاجدار صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَالِهٖ وَسَلَّمَ جو ڪرم بيشُمار آهي، الله پاڪ ۽ ان جا پيارا حبيب صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَالِهٖ وَسَلَّمَ چاهيندا تہ مديني پهچائي ڇڏيندا، نہ تہ منهنجي طرفان تہ حڪم تي عَمَل ٽي چڪو هوندو.

ڪشتي تمهيں پہ چھوڑی، لنگر اُٹھا دیئے ہیں آنے دو یاڈبو دو، اب تو تمہاری جانِب

(حدائقِ بخشش، صفحہ:102)

سبحٰن الله! پيارا اسلامي ڀائرو! اهو آهي حقيقي عشق رسول...!! افسوس! هاڻي تہ صرف عشق رسول جا وڏا دعوا رِهجي ويا آهن، مولانا نقي علي خان رَحْمَۃُ اللہِ عَلَيْه تہ خواب ۾ ڏنل حڪم تي بہ جان فدا ڪرڻ لاءِ تيار ٿي ويا پر اسان جو حال اهو آهي جو اهي اَحڪام جيڪي اسان جي محبوب آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَالِهٖ وَسَلَّمَ ظاهري حيات ۾، هن ظاهري دُنيا ۾ رهندي اسان غُلامن جي لاءِ ارشاد فرمايا اسان اُنهن تي بہ عمل نٿا ڪري سگهون ❖ ڪجهه قدم فاصلي تي مسجد آهي، قالين وڇايل آهن، پکا ۽ ڪجهه جڳهہ A.C بہ لڳل آهن، تمام سهولتون موجود آهن، تندرست بہ آهيون، هٿ پير بہ سلامت آهن، ان جي باوُجود باجماعت نماز جي پابندي نٿا ڪري سگهون، ❖ افسوس! ڪيئي مسلمان تہ اهڙا بہ آهن جو انهن جون نمازون ئي قضا ٿي وينديون آهن، ❖ اسان کي رشتيدارن سان نيڪ سلوڪ جو حڪم ڏنو ويو آهي پر هڪ تعداد آهي جيڪو معمولي سببن يا محض اناپرستي جي ڪري رشتا ناطا ٽوڙي ڇڏيندا آهن، ❖ صاحبِ نصاب کي شرط موجود هئڻ جي صُورت ۾ زڪوٰة ڏيڻ جو حڪم ڏنو ويو پر ڪيترا اهڙا آهن جيڪي معاذ الله زڪوٰة جي پوري ادائيگي نٿا ڪن، ❖ اسان کي رمضان المبارڪ جا روزا رکڻ جو حڪم ڏنو ويو پر

ڪيترا ماڻهو آهن جيڪي بنا سبب يا صرف معمولي سببن جي ڪري روزا ناهن رکندا، ❖ اسان کي غيبت، چغلي، ڪوڙ، وعده خلافي وغيره کان منع ڪيو ويو پر اُڄ مُعَاشرو انهن گُنَاهن جي وڪڙ ۾ آهي، ❖ ڪيئي نادان اهڙا بہ آهن جن کي لڳي ٿو تہ هاڻي سچ جو زمانو ئي نہ آهي، ڪوڙ ڳالهائي ئي زندگي گذاري سگهجي ٿي، الامان والحفيظ! ❖ اسان کي مسسلمان ڀاءُ جي دِل ڏکائڻ کان منع ڪيو ويو آهي پر! اسان جي هن معاشري ۾ دنگا فساد، گار گند، لڙائي جهيڙو، قتل ۽ غارت گري عام ٿيندي پئي وڃي، ❖ اسان کي حُسنِ اَخلاق جو حڪم ڏنو ويو پر اسان بداخلاقي جي اونهي کڏ ۾ ڪرندا پيا وڃون، ❖ اسان کي ايمانداري جو حڪم ڏنو ويو پر معاشري ۾ بہ نمبري عام آهي، **مطلب تہ:** اهي احڪام جيڪي اسان جي پياري آقا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ظاهري دُنيا ۾ تشريف فرما ٿي، ظاهري حياتي ۾ ارشاد فرمايا هئا، اسان اُنهن احڪامن تي بہ پُوري طرح عمل نٿا ڪري سگهون، ان جي باوُجود دعويٰ آهي تہ اسان وڏا عاشقِ رسول آهيون.

بے نمازی رہیں، کچھ نہ روزے رکھیں ان کو کس نے کہا؟ عاشقانِ رسول
عالموں پر ہنسیں، پھبتیاں بھی کسیں ان کو کس نے کہا عاشقانِ رسول؟
جو کہ گانے سنیں، فلم بینی کریں ان کو کس نے کہا؟ عاشقانِ رسول
بدنگاہی کریں، بدکلامی کریں ان کو کس نے کہا؟ عاشقانِ رسول
کھائیں رزقِ حرام، ایسے ہیں بدلگام ان کو کس نے کہا؟ عاشقانِ رسول
عہد توڑا کریں، جھوٹ بولا کریں ان کو کس نے کہا؟ عاشقانِ رسول
جو ستاتے رہیں، دِل دکھاتے رہیں ان کو کس نے کہا؟ عاشقانِ رسول
گالیاں جو بکیں، عیب دریاں کریں ان کو کس نے کہا؟ عاشقانِ رسول
داڑھیاں جو منڈائیں، کریں غیبتیں ان کو کس نے کہا؟ عاشقانِ رسول

(وسائلِ بخشش، صفحہ:649تا650)

اي عاشقانِ رسول! حقيقي عاشقِ رسول ته اهي هئا جو جن کي خواب ۾ حڪم مليو ته انهن ڪا تاوِيل نه ڪئي، نه ٽال مٽول کان ڪم ورتائون، اهو نه چيو ته هاڻي طبيعت خراب آهي، اڃا هلڻ ڦرڻ جي به همت نه آهي، اڃا قدم به نه پيا کڄن، ان ڪري آئنده سال حڪم تي عمل ڪندس... نه، نه بلڪ فرمايائون: بس مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي حڪم تي عمل ڪندي قدم دروازي کان ٻاهر رکي ونان پوءِ چاهي جان به هلي وڃي ته ڪا پرواهه نه آهي.

ضعف مانا مگر یہ ظالم دِل اُن کے رستے میں تو تھکا نہ کرے

(حدائقِ بخشش، صفحہ:142)

الله پاڪ اسان کي به مولانا نقي علي خان رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي صدقي ۾ حقيقي عاشق رسول بڻجڻ جي سَعَادت نصيب فرمائي.

اٰمِيْن بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِيْن صلَّى الله عليه واٰلهٖ وسلَّم

پيارا اسلامي ڀائرو! هتي اها ڳالهه به خيال ۾ رهي ته سرڪارِ مدينه، راحتِ قلب و سينه صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو خواب ۾ تشريف فرما ٿيڻ حقيقت ۾ پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ ئي جو اچڻ آهي جو شيطان سندن جي مِثل نٿو بڻجي سگهي. حديثِ پاڪ ۾ آهي: مَن رَاٰنِي فِي الْمَنَامِ فَقَد رَاٰنِي فَاِنَّ الشَّيطَانَ لَايَتَمَثَّلُ بِي جنهن مون کي خواب ۾ ڏٺو، ان مون کي ئي ڏٺو ته شيطان منهنجي مِثل نٿو بڻجي سگهي. (ترمذی، کتاب:الرؤیا، باب:قول النبی من راٰنی، صفحہ:547، حدیث:2276)

اهو به ياد رهي ته پيارا آقا، جانِ رحمت صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ خواب ۾ اچي جيڪو ارشاد فرمائن اهو بلڪل حق، حق ۽ حق آهي، البت ننڊ جي حالت ۾ اسان جا حَوَّاس جيئن ته ڪمزور هوندا آهن، ان ڪري يقين سان اهو نٿو چئي سگهجي ته جيڪو ڪجهه حُضُور جانِ ڪائنات صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ فرمايو، خواب ڏسڻ واري حَرف به حَرف دُرُست ٻڌو. يقيناً خواب ۾ ٻڌڻ ۽ سمجهڻ ۾ غلطي جو اِمڪان موجود آهي، تنهنڪري خواب ۾ ڏنل حڪم تي عمل ڪرڻ کان پهريان شريعت

جي حڪم کي ڏسڻو پوندو، جيڪڏهن خواب واري ڳالهه شريعت کان نٽي ٽڪرائي تہ بيشڪ ان تي عمل ڪري سگهجي ٿو بهرحال خواب ۾ مليل حڪم تي عمل ڪرڻ شَرعاً واجب نہ آهي.

هڪ شخص خواب ۾ ڏٺو تہ حضور انور صَلَّی اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ (معاذالله) ان کي شراب نوشي جو حڪم ڏئي رهيا آهن، اهو معاملو سيدُنا امام جعفرِ صادق رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي خدمت ۾ پيش ڪيو ويو، پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه ارشاد فرمايائون: ”رسول الله صَلَّی اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ توکي شراب پيئڻ کان روڪيو آهي، تو کي ٻڌڻ ۾ غلطي ٿي آهي.“ (فتاوى رضويہ، جلد:5، صفحہ:100ماخوذاً)

مرے تم خواب میں آؤ مرے گھر روشنی ہو گی مری قسمت جگا جاؤ عنایت یہ بڑی ہو گی

(وسائل بخشش، صفحہ:391)

صَلُّوا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللهُ عَلٰی مُحَمَّد

## 8 آيت جو تفسير

اي عاشقانِ رسول! اچو! والدِ اعليٰ حضرت، حضرت علّامہ مولانا نقي علي خان رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي عشق رسول جي هڪ ٻي جهلڪ ملاحظہ ڪريو!

قرآنِ ڪريم ۾ 8 آيتن جي هڪ مختصر سُورت آهي، سوره ”اَلَم نَشرَح“ هن سوره مبارڪ ۾ نبي اڪرم، نورِ مجسم صَلَّی اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي مبارڪ سيرت ۽ پاڻ سڳورن صَلَّی اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي شان و عظمت جو بيان آهي. وڏي مشهور آيت آهي:

وَرَفَعْنَا لَكَ ذِكْرَكَ ﴿۴﴾

(پاره30،سورةالم نشرح:4)

ترجمو ڪنزالايمان: ۽ اسان تنهنجي واسطي تنهنجي ذڪر کي بلند ڪري ڇڏيو.

اها آيت سڳوري بہ سوره ”اَلَم نَشرَح“ جي آهي. والدِ اعليٰ حضرت مولانا

نقي علي خان رَحۡمَۃُ اللہِ عَلَیۡہ هن سوره مبارڪ جو تفسير لکيو آهي ۽ مَاشَآءَ الله! شان ۽ ڪمال ڏسو جو قرآنِ ڪريم جي 8 مختصر آيتن جو اهو تفسير وڏي سائز جي 445 صفحن تي مشتمل آهي ۽ جيڪڏهن ان کي دورِ حاضر جي تقاضن جي مطابق ڇاپيو وڃي تہ شايد ان جا صفحات 1000 تائين پهچي وڃن. **مولانا نقي علي خان** رَحۡمَۃُ اللہِ عَلَیۡہ جي لکيل هن مبارڪ تفسير جو عربي نالو آهي: "اَلڪلاَمُ الاَوضَح فِي تَفسِيرِ اَلَم نَشرَح" ۽ اُردو نالو آهي: انوارِ جمال مصطفيٰ.

هن بي مثال تفسير کي پڙهو تہ جتي **مولانا نقي علي خان** رَحۡمَۃُ اللہِ عَلَیۡہ جي علمي شان ۽ عظمت جي خبر پوي ٿي، گڏوگڏ سندن عشقِ رسول جي جهلڪ بہ واضِح ڏسڻ جي لاءِ ملي ٿي، "سوره اَلَم نَشرَح" ۾ تہ شانِ رسالت ئي بيان ٿيل آهي، پوءِ مولانا نقي علي خان رَحۡمَۃُ اللہِ عَلَیۡہ هن سورتِ پاڪ جي جنهن ڪمال ادب ۽ عشق ومحبت ڀري انداز ۾ تفسير ڪيو، جنهن ڪمال انداز سان سرڪارِ عالي وقار، مدني تاجدار صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ جي اَوصَاف ۽ ڪمالات جو بيان فرمايو، پنهنجو مٽ پاڻ آهي.

عام طور تي جيڪو ڪتاب لکڻ وارو هوندو آهي، اهو ڪتاب جي شروع ۾ الله پاڪ جي حمد ۽ پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ جي پاڪ بارگاهه ۾ درودِ پاڪ عرض ڪندو آهي، مولانا نقي علي خان رَحۡمَۃُ اللہِ عَلَیۡہ بہ انهيءَ ڪان پنهنجي ڪتاب جي ابتداء ڪئي پر قربان وڃجي! تفسير "انوارِ جمالِ مصطفيٰ" جي صفحي: 13 تي سرڪارِ عالي وقار، مدني تاجدار صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ جو ذِڪرِ پاڪ آيو، بَس پوءِ ڇا هو...! هڪ سچي عاشق رسول مولانا نقي علي خان رَحۡمَۃُ اللہِ عَلَیۡہ جو قلم جهومڻ لڳو، دِل ۾ يادِ مصطفيٰ آهي، دِماغ ۾ خيالِ مصطفيٰ آهي، مٿو ادب سان جهڪي ويو، هيئن لڳي ٿو جيئن سرڪارِ عالي وقار، مڪي مدني تاجدار صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ جو جلوو اکين جي سامهون آهي ۽ مولانا نقي علي خان رَحۡمَۃُ اللہِ عَلَیۡہ محبوب جي تَصَوُّر ۾ بڏي رسول الله صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ جا لقب لکڻ شروع ڪيا، قلم هلڻ لڳو ۽ هلندو ويو، هلندو ويو، هلندو ئي ويو، الفاظ ترتيب

۾ آيا، عِلم جو سمنڊ وهڻ لڳو، محبوب ﷺ جي مدح ۽ ثناء ٿيڻ لڳي ۽ ٿيندي وئي، ٿيندي وئي، ٿيندي ئي وئي، ايستائين جو مولانا نقي علي خان رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه مصطفيٰ جانِ رحمت، شمع بزمِ هدايت ﷺ جا 358 لقب لکيا، پوءِ فرمايائون:

محمد شاہدِ دیں، جانِ ایماں محمد رحمتِ حق، لُطفِ یزداں

يعني مُحَمَّد ﷺ دِين جا شاهد، ايمان جي جان، الله پاڪ جا لُطف ۽ ان جي رحمت آهن.

بہارِ ہشتِ جنّت رنگ و بُویش بہشتِ نُہ فلک خاکے زِ کُویش

يعني جنت جون سڀ بهارون پاڻ ڪريم ﷺ جي رنگت ۽ خوشبو مبارڪ سان ٺٽيل آهي، ۽ اهو آسمان رسول اڪرم ﷺ جي گهٽي جي خاڪ جو صدقو آهي.

ايستائين جو مولانا نقي علي خان رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه اُردُو ۽ فارسي ۾ 358 اَوصَافِ مصطفيٰ ﷺ لکيا پر هڪ سچي عاشقِ رسول جو دِل هو، پنهنجي محبوب آقا، مڪي مدني مصطفيٰ ﷺ جو ايترو ذِڪر ڪري شوق پُورو نہ ٿيو، پوءِ پاڻ عربي ۾ پياري آقا، ٻنهي جهانن جي داتا، محبوبِ خُدا ﷺ جا اَوصاف لکڻ شروع ڪيا، پوءِ اها ئي ڪيفيت، پوءِ اهو ئي حال، پوءِ قلم هلڻ شروع ٿيو، پوءِ الفاظ ترتيب ۾ آيا ۽ مولانا نقي علي خان رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه پنهنجي آقا جا اَوصاف لکندا ويا، لکندا ويا، لکندا ويا، ايستائين جو پاڻ عربي ۾ پياري آقا، محبوبِ انبياء ﷺ جا 213 اَوصَاف لکيا، اهو وڏي سائز جي 7 صفحن تي مشتمل ڪل 571 اَوصافِ مصطفيٰ ﷺ لکيا ۽ فرمايو:

يَا عَاشِقِيْنَ تَوَلَّهُوْا فِيْ وَجْهِهٖ هٰذَا هُوَ الْحُسْنُ الْجَمِيْلُ الْمُفْرَد

لَمْ يَأْتِ فِيْ اَوْلَادِ اٰدَمَ مِثْلُهٗ فِيْمَا مَضٰى هٰذَا حَدِيْث مُسْنَد

صَلُّوا عَلَيْهِ بُكْرَةً وَّ عَشِيَّةً اَلْفَ الصَّلٰوةِ مَعَ السَّلَامِ وَ زِيْدُوا

عربي اشعار جو ترجمو: اي عاشقان مصطفيٰ! اُن جي چهري مبارڪ جي جلوئن ۾ گم ٿي ديوانا ٿي وڃو! هو ايترا حَسِين ۽ جميل آهن جو انهن جهڙو اَولادِ آدم ۾ ٻيو ڪو نہ آيو، اها ڳالهہ حديثِ پاڪ ۾ بيان ٿي آهي، پوءِ صبح ۽ شام رسول اڪرم صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ تي هزارين ڀيرا درود ۽ سلام موڪليو...! (انوارِ جمال مصطفےٰ، صفحہ:13تا18ملتقطاً)

تیرے عشق نے بخشی ہے یہ سوغات مسلسل تیرا ذِکر ہمیشہ، تیری بات مسلسل

سُبحٰنَ اللّٰہ! اي عاشقانِ رسول! اهو آهي عشقِ رسول جو جڏهن محبوبِ ربِّ اڪبر، سلطانِ بحر وبر صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ جو ذِڪرِ پاڪ اچي تہ عاشق خوش ٿي وڃي، ڪمال ادب سان، شريعت جي دائري ۾ رهي، سني ڪان سنا لفظ چُونڊي ذِڪرِ مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ ڪري ۽ ڪندو ئي وڃي، ڪندو ئي وڃي، نہ دِل ٿڪي، نہ دِماغ ۾ ڪو ٻيو خيال اچي، نہ زبان ٿڪي، نہ اٽڪي، بَس اک پُر نَم هجي، دِل مچلجندي رهي ۽ ذِڪرِ مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ ٿيندو رهي.

نعت پڑھتا رہوں، نعت سنتا رہوں، آنکھ پُر نم رہے، دِل مچلتا رہے
اُن کی یادوں میں ہر دَم میں کھویا رہوں، کاش! سینہ محبت میں جلتا رہے

اللہ پاڪ اسان کي بہ ڪثرت سان ذِڪرِ مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ ڪرڻ جي توفيق عطا فرمائي. اٰمِیْن بِجَاہِ النَّبِیِّ الْاَمِیْن صلَّی اللہ علیہ واٰلہٖ وسلَّم

صَلُّوا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## مفتي نقي علي خان رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جون ٽي ڪرامتون

اي عاشقانِ رسول ! والِدِ اعليٰ حضرت، مولانا نقي علي خان رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه ڪامِل ولي هئا، سندن ڪان ڪوڙ ڪرامتن جو ظُهور بہ ٿيو، اچو! پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جون ٽي ڪرامتون ٻڌڻ جي سَعادت حاصِل ڪيون ٿا:

## (1) : ڏڪار ختم ٿي ويو (حڪايت)

هڪ دفعي هيئن ٿيو جو بريلي شريف ۾ ڏڪار پيو، برسات نہ ٿي، فصل تباھ ٿيڻ لڳو، جانورن جي لاءِ چارو تائين نہ ملندو هو، مهانگائي بہ گهٽي وڌي وئي، ماڻهو پريشان ٿي ويا، حضرت عَلَّامہ مولانا نقي علي خان رَحۡمَۃُ اللہِ عَلَیۡہ مرجعِ خلائق(جنهن جي طرف وڌيڪ ماڻهو رجوع ڪندا) هئا، هڪ ڏينهن بريلي شريف جا ماڻهو وڏي تعداد ۾ گڏ ٿي سندن خِدمت ۾ حاضِر ٿيا، ڏڪار سبب ايندڙ پريشانين جو ذِڪر ڪيو ۽ التجاء ڪئي تہ سائين دُعا ڪيو تہ الله پاڪ برسات نازِل فرمائي ۽ ڏڪار جي تباهي مان نجات ملي وڃي. حضرت مولانا نقي علي خان رَحۡمَۃُ اللہِ عَلَیۡہ اُمَّت جي غمخواري واري جذبي سان سرشار ٿي يڪدم فرمايو: سڀئي مون سان گڏ هلو.

اهو حڪم ٻڌي سڀئي ماڻهو سندن سان گڏ نڪتا، حضرت مولانا نقي علي خان رَحۡمَۃُ اللہِ عَلَیۡہ روڊ تي پيادل تمام گهٽ نڪرندا هئا، اڄ جڏهن پيادل ئي روڊ تي وڃي رهيا هئا تہ شهر جا ماڻهو تعجب وچان غور سان ڏسڻ لڳا، ماڻهن جو وڏو تعداد بہ ساڻس هو، راھ ۾ ماڻهو پڇندا هئا: ڇا ڳالھ آهي؟ جواب ملندو هو: حضرت مولانا نقي علي خان رَحۡمَۃُ اللہِ عَلَیۡہ برسات جي لاءِ دُعا گهرڻ وڃي رهيا آهن، بس اهو ٻڌندي ئي ماڻهو پنهنجو ڪم ڪار ڇڏي ساڻس نڪري پيا، جتان پاڻ لنگهندا ويا، ماڻهو گڏ ٿيندا ويا، ماڻهو ساڻ ٿيندا ويا، هڪ هنڌ هڪ غير مُسلِم پاڻ رَحۡمَۃُ اللہِ عَلَیۡہ کي ماڻهن جي هجوم سان ڏٺو تہ مَعَاذَ الله! مذاق اُڏائيندي چيائين: مولانا! جيستائين برسات نہ ٿئي، واپس نہ موٽجان. مولانا نقي علي خان رَحۡمَۃُ اللہِ عَلَیۡہ ان جو اهو گستاخانہ جملو ٻُڌو پر جواب نہ ڏنائون ۽ اڳتي هلندا رهيا، آخر پاڻ عيد گاھ پهتا، ماڻهن کي جڏهن خبر پئي تہ مولانا نقي علي خان رَحۡمَۃُ اللہِ عَلَیۡہ برسات جي دُعا گهرڻ جي لاءِ عيد گاھ اچي رهيا آهن تہ ڪوڙ ماڻهو اڳ ئي ۾ عيد گاھ ۾ پهچي چڪا هئا، مطلب تہ ڪافِي تعداد ۾ ماڻهو گڏ ٿيا، مولانا نقي علي خان رَحۡمَۃُ اللہِ عَلَیۡہ نمازِ اِستِسقاء (يعني برسات جي دُعا گهرڻ جي لاءِ نماز) ادا ڪئي، ان کان پوءِ جيئن ئي پاڻ رَحۡمَۃُ اللہِ عَلَیۡہ دُعا جي لاءِ هٿ مٿي ڪنيا تہ يڪدم آسمان تي ڪڪر

چانئجي وياءِ اجا دُعا مان فارغ بہ نہ ٿيا جو برسات شروع ٿي وئي ۽ ايتري زبردست برسات ٿي جو ماڻهن جو گهرن تائين وڃڻ مشڪل ٿي ويو. (مولانا نقی علی خاں بریلوی، صفحہ:52تا53)

بَرستا نہیں دیکھ کر اَبرِ رحمت بدوں پر بھی برسا دے بَرسانے والے

(حدائق بخشش، صفحہ:158)

صَلُّوا عَلَی الحَبِیب! صَلَّی اللهُ عَلٰی مُحَمَّد

## (2): روزو نہ ڇڏجان

مولانا نقي علي خان رَحْمَۃُ اللهِ عَلَیْه جي دُنيا مان وصال ڪان پوءِ جي ڳالهہ آهي، هڪ ڀيري رَجَبُ المُرَجَّب جي مهيني ۾ مولانا نقي علي خان رَحْمَۃُ اللهِ عَلَیْه پنهنجي شهزادي اعليٰ حضرت، امامِ اهلسنت، شاهه امام احمدرضا خان رَحْمَۃُ اللهِ عَلَیْه جي خواب ۾ اچي فرمايائون: پٽ! هن ڀيري رمضان المبارڪ ۾ گهڻو بيمار ٿيندين، روزو نہ ڇڏجان.

سيدي اعليٰ حضرت رَحْمَۃُ اللهِ عَلَیْه فرمائن ٿا: ائين ئي ٿيو جيئن والدِ محترم خواب ۾ اچي فرمايو هو، رمضان المبارڪ ۾ مان شديد بيمار ٿي پيس، طبيب (يعني ڊاڪٽر) تمام گهڻو چيو تہ روزو نہ رکو پر الحمد لله! مون روزو نہ ڇڏيو ۽ انهيءَ جي برڪت الله پاڪ جي فضل سان شفا ڏني جو حديثِ پاڪ ۾ ارشاد آهي: صُومُوا تَصِحُّوا يعني روزو رکو تندرُست ٿي ويندؤ. (ملفوظاتِ اعلیٰ حضرت، صفحہ:206)

صَلُّوا عَلَی الحَبِیب! صَلَّی اللهُ عَلٰی مُحَمَّد

## (3): ٻارهن درجن تائين اسان پهچايو آهي (حڪايت)

سيدي اعليٰ حضرت، امامِ اهلسنت رَحْمَۃُ اللهِ عَلَیْه هڪ ڏينهن خواب ڏٺو تہ سندن والدِ محترم مولانا نقي علي خان رَحْمَۃُ اللهِ عَلَیْه آيا آهن، هڪ نفيس ۽ قيمتي سُواري بہ پاڻ سان گڏ آهي، مولانا نقي علي خان رَحْمَۃُ اللهِ عَلَیْه پنهنجي شهزادي اعليٰ حضرت،

امام احمد رضا خان رَحْمَۃُ اللہِ عَلَیْہ کي ڪٽي ان سُواري تي سُوار ڪري چڙهايئون ۽ فرمايائون: 11 درجن تائين تہ اسان پهچائي ڇڏيو آهي، اڳتي الله مالِڪ آهي.
اعليٰ حضرت، امامِ اهلسنت رَحْمَۃُ اللہِ عَلَیْہ فرمائن ٿا: انهن 11 درجن مان مراد سرڪارِ غوثِ اعظم شيخ عبد القادر جيلاني رَحْمَۃُ اللہِ عَلَیْہ جي غُلامي جا درجا آهن. (مولانا نقی علی خاں بریلوی، صفحہ:55)

رضا کے کام اور رک جائیں حاشا    ترا سائل ہے تو باذِل ہے یا غوث

(حدائق بخشش، صفحہ:257)

**وضاحت:** رضا جا ڪم نہ ٿين اهو هرگز نٿو ٿي سگهي ڇوتہ اي غوث پاڪ! رضا اوهان جو سوالي آهي ۽ اوهان سخي بخشش ڪرڻ وارا منهنجا آقاءِ نعمت آهيو.

صَلُّوا عَلَی الحَبِیب!    صَلَّی اللہُ عَلٰی مُحَمَّد

## مفتي نقي علي خان رَحْمَۃُ اللہِ عَلَیْہ جو سَفرِ آخرت

پيارا اسلامي ڀائرو! عالِمِ باعَمَل، وليءِ باڪرامت، عاشِقِ ماهِ رسالت، والِدِ اعليٰ حضرت، حضرت علّامہ مولانا مفتي محمد نقي علي خان رَحْمَۃُ اللہِ عَلَیْہ 51 سال، 5 مهينا دُنيا ۾ تشريف فرما رهي 1297 هجري تي ذيقعدة الحرام جي 30 تاريخ، جمعرات جي ڏينهن، ظهر جي وقت هن فاني دنيا مان رخصت ٿيا، سندن مزارِ پُرانوار بريلي شريف (هند) ۾ پنهنجي والِد مولانا رضا علي خان رَحْمَۃُ اللہِ عَلَیْہ جي مزارِ پاڪ جي قريب آهي.

حديثِ پاڪ ۾ آهي: جيڪو پيٽ جي مرض ۾ مبتلا ٿي مري، اهو شهيد آهي. (ترمذی، کتاب:الجنائز، باب:ماجاء فی الشہداء مَنْ ھُمْ، صفحہ:277، حدیث:1063) مولانا نقي علي خان رَحْمَۃُ اللہِ عَلَیْہ بہ پيٽ جي مرض ۾ مبتلا ٿي دُنيا مان رخصت ٿيا، لهٰذا هن حديثِ پاڪ جي مطابق پاڻ رَحْمَۃُ اللہِ عَلَیْہ شهادت جو رُتبو ماڻيو.

سيدي اعليٰ حضرت امامِ اهلسنت، شاهہ امام احمد رضا خان رَحْمَۃُ اللہِ عَلَیْہ فرمائن

تا: جنهن ڏينهن والدِ ماجِد مولانا نقي علي خان رحمۃ اللہ علیہ جو وِصَال ٿيو، ان ڏينهن پاڻ فجر نماز ادا فرمائي چڪا هئا، ظهر جي نماز جو وقت اڃان باقي هو ته لاڏاڻو فرمايائون، سڪرات مهل سيني موجود ماڻهن ڏٺو ته اکيون بند ڪري لڳاتار سلام ڪري رهيا هئا (شايد اهو ان طرف اشارو معلوم ٿئي ٿو ته ولين سڳورن جا روح استقبال جي لاءِ اچي رهيا هئا ۽ پاڻ انهن کي سلام فرمائي رهيا هئا) جڏهن ڪجھ ساھ باقي وڃي رهيو ته هٿن کي وضو وارن عضون تي ائين ڦيرڻ لڳا ڄڻ وضو ڪري رهيا آهن، ايتري تائين جو اشاري سان نڪ جي صفائي به ڪيائون.

سُبحٰن الله! پاڻ پنهنجي طور تي بيهوشيءَ جي حالت ۾ ظهر جي نماز به ادا ڪري ويا. اعليٰ حضرت رحمۃ اللہ علیہ وڌيڪ فرمائن ٿا: جنهن وقت روح مبارڪ جسم مان جدا ٿيو، ان وقت مان سيرانديءَ کان حاضر هيس. عظمت واري رب جو قسم ته هڪ حسين نور سندن سيني مبارڪ مان نڪري چمڪي غائب ٿي ويو ان کان پوءِ روح بدن مان جدا ٿي ويو.

آخري لفظ جيڪو مولانا نقي علي خان رحمۃ اللہ علیہ جي زبان مبارڪ مان نڪتو اهو لفظ الله هو ۽ آخري تحرير جيڪا هٿ مبارڪ سان لکي، اها بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْم هئي.

اعليٰ حضرت رحمۃ اللہ علیہ فرمائن ٿا: والدِ ماجِد، مولانا نقي علي خان رحمۃ اللہ علیہ جي وِصَالِ پُرملال کان بعد مون پنهنجي پير و مُرشِد سيد شاه آلِ رسول رحمۃ اللہ علیہ کي خواب ۾ ڏٺو ته والد ماجد جي مزار تي آيا آهن. مون عرض ڪيو ته سائين! هتي ڪيئن“؟ فرمايائون اڄ کان يا فرمايائون: هاڻي کان هتي ئي رهنداسين. (فضائلِ دُعا، صفحہ:41تا42)

عرش پر دھومیں مچیں وہ مومنِ صالح مِلا  فرش سے ماتم اٹھے وہ طیّب و طاہر گیا

(حدائقِ بخشش، صفحہ:54)

الله پاڪ جي اُنهن تي رحمت ٿئي ۽ اُنهن جي صدقي اسان جي بي حساب مغفرت ٿئي. اٰمِيْن بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِيْن صلَّی اللہ علیہ واٰلہٖ وسلَّم

پيارا اسلامي ڀائرو! غور فرمايو! الله پاڪ جي ڪامِل وليءِ عالِمِ باعَمَل، حضرت علّامه مولانا، مفتي نقي علي خان رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه جو دُنيا مان رخصت ٿيڻ جو منظر ڪيترو ايمان افروز ۽ دِل نشين آهي. ۽ قربان وڃو! جو سندن آخري لفظ جيڪو زبان مان نڪتو، اهو لفظ ”الله“ هو ۽ آخري تحرير جيڪا لکيائون اها بسم الله شريف هئي.

سرڪارِ عالي وقار، مديني جي تاجدار صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو فرمانِ خوشبودار آهي: جنهن جو آخري ڪلام ”ڪلمه طيبه“ هجي اهو جنّت ۾ داخل ٿيندو. (ابوداؤد، ڪتاب:الجنائز، باب:فی التلقين، صفحه:503، حديث:3116)

خادِمِ مصطفيٰ حضرت اَنس بن مالڪ رَضِیَ اللهُ عَنۡه کان روايت آهي، محبوبِ خُدا، احمدِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: جنهن الله پاڪ جي تعظيم جي لاءِ خوبصورت ڪري بِسمِ اللهِ الرَّحمٰنِ الرَّحِيم لکي، الله پاڪ ان کي بخشي ڇڏيندو. (تفسير در منثور، سورة فاتحه، جزء:1، جلد:1، صفحه:27)

سُبحٰنَ الله! اي عاشقانِ رسول ! ” بِسمِ الله “ شريف جون برڪتون ماڻڻ ۽ مغفرت جي خيرات جي لاءِ ڪڏهن ڪڏهن وضو ڪري سٺن اکرن سان ڪاغذ وغيره تي بِسۡمِ الله شريف لکڻ جي عادت بڻايو پر خيال رهي بي ادبي واري جڳهه تي هرگز نه لکو، پٽين تي به آيتون ۽ مقدس لفظ نه لکو جو آهستي آهستي لکت جا ذرا زمين تي ڪِري پوندا آهن.

۽ جڏهن ڪو عزيز رشتيدار انتقال ڪري وڃي ته ڪوشش ڪري اُن جي ڪفن تي به خالي آڱر سان، بغير سياهي جي بِسمِ الله شريف لکڻ گهرجي. مشهور مفسرِ قرآن، حڪيم الامت مفتي احمد يار خان نعيمي رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه فرمائن ٿا: تفسير عزيزي ۾ لکيل آهي ته هڪ ولي الله مرڻ وقت وصيّت ڪئي هئي ته منهنجي ڪفن ۾ بِسۡمِ اللهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡم لکي رکي ڇڏجو، ماڻهن ڪانئن ان جو سبب پُڇيو، جواب ڏنائون ته قيامت جي ڏينهن هيءُ منهنجو تحريري ثبوت هوندو، جنهن جي ذريعي سان رحمتِ اِلاهي جي درخواست ڪندس. (تفسيرنعيمی،

پاره:1، جلد:1، صفحہ:54) اهڙي طرح فقہ حنفي جي مشهور ڪتاب "دُرّمختار" ۾ آهي: هڪ شخص مرڻ کان اڳ ۾ هي وصيّت ڪئي تہ مرڻ کان پوءِ منهنجي سيني ۽ پيشانيءَ تي بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْم لکي ڇڏجو. آخر ائين ئي ڪيو ويو پوءِ ڪنهن خواب ۾ ان شخص کي ڏسي حال پُڇيو، ان ٻُڌايو تہ جڏهن مون کي قبر ۾ رکيو ويو ۽ عذاب جا فرشتا آيا، جڏهن پيشاني تي بِسْمِ اللّٰهِ لکيل ڏٺائون تہ چيائون تون عذاب کان بچي وئين. (ردالمحتار على الدر المختار، ڪتاب:الصلاة، مطلب:فيمايكتب على كفن الميت، جلد:3، صفحہ:186)

ملے گا دونوں عالَم کا خزانہ پڑھ لو بِسْمِ اللّٰہ  خدا چاہے تو ہو جنّت ٹھکانہ پڑھ لو بِسْمِ اللّٰہ

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

پيارا اسلامي ڀائرو! بِسمِ الله شريف لکڻ سان گڏوگڏ پڙهڻ جي بہ عادت بنائڻ گهرجي تہ حضرت عبد الله بن مسعود رَضِيَ اللّٰهُ عَنْه کان روايت آهي، تاجدارِ مدينہ مُنَوَّره، سردارِ مڪ مڪرمہ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَالِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: جيڪو بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْم پڙهندو الله پاڪ هر اکر جي بدلي ان جي اعمالنامي ۾ چار هزار نيڪيون لکندو، چار هزار گُناهہ بخشي ڇڏيندو ۽ ان جا چار هزار درجات بلند فرمائيندو. (فردوس الاخبار، فصل:فضل قراءة القرآن، جلد:4، صفحہ:26، حديث:5573) حضرت مولاءِ ڪائنات، علي المرتضيٰ رَضِيَ اللّٰهُ عَنْه کان روايت آهي: هڪ شخص خوبصورتي سان بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْم پڙهي تہ ان جي بخشش ٿي وئي. (شعب الايمان، باب: تعظيم القرآن، جلد:2، صفحہ:546، حديث:2667)

پيارا اسلامي ڀائرو! " بِسمِ الله " شريف جي وڌيڪ برڪتن ۽ فضيلتن جي معلومات جي لاءِ شيخِ طريقت، اميراهلسنت، حضرت علامہ مولانا ابو بلال محمد الياس عطار قادري رضوي دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيه جي مايہ ناز ڪتاب "فيضانِ سُنّت" مان "فيضانِ بِسمِ الله" جو باب (*Chapter*) پڙهي وٺو.

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## 12 ديني ڪمن مان هڪ ديني ڪم: هفتيوار مدني مذاڪرو

**اي عاشقانِ رسول** ! دُنيا ۽ آخرت جون ڀلايون ماڻڻ، اولياءِ ڪرام جو فيضان حاصِل ڪرڻ، دُنيا ۽ آخرت جون ڀلايون ميڙڻ يعني دِل ۾ عشق رسول وڌائڻ ۽ نيڪ نمازي بڻجڻ جي لاءِ عاشقانِ رسول جي ديني تحريڪ دعوتِ اسلامي جي ديني ماحول سان وابسته ٿي وڃو ۽ 12 ديني ڪمن ۾ به خوب وڌ کان وڌ حصو وٺو، اِن شَآءَ الله الڪرِيم! ان جون برڪتون پاڻ ئي ڏسي وٺندؤ. دعوتِ اسلامي جي 12 ديني ڪمن مان هڪ ديني ڪم آهي: هفتيوار مدني مذاڪرو.

الحمد لله! شيخ طريقت، امير اهلسنت حضرت علامہ مولانا ابوبلال محمد الياس عطار قادري رضوي ضيائي دَامَت بَرَكَاتُهُمُ العَالِيه هر ڇنڇر تي رات عشا جي نماز کان پوءِ مدني چينل تي براهِ راست (LIVE) مدني مذاڪرو ڪندا آهن يعني سڄي دُنيا مان عاشقانِ رسول جي پڇيل سوالن جو عِلم ۽ حڪمت سان ڀرپور جواب ارشاد فرمائيندا آهن، اوهان به مدني مذاڪري ۾ شرڪت فرمايو ۽ عِلمِ دِين جو خزانو حاصِل ڪريو.

## پاربہ نمازي بڻجي ويا

تحصيل تله گنگ (ضلعي چڪوال، پنجاب، پاڪستان) جي هڪ اسلامي ڀاءُ جو چوڻ آهي ته هو توبه کان پهريان معاشري جو هڪ انتهائي بدڪار انسان هو. سگريٽ، چرس، شراب جيڪو ملندو هو اهو پِئي ڇڏيندو هو. ان جي دل ۾ خواهش ته هئي ته نيڪ نمازي بڻجي وڃان پر عمل ڏانهن اچڻ ۾ نفس و شيطان هر ڀيري رڪاوٽ بڻجي ويندو هو. هڪ ڀيري رمضان المبارڪ ۾ همت ڪري روزا رکڻ شروع ڪيائين، روزانو رات جو مدني چينل تي **”مدني مذاڪرو“** ڏسڻ به نصيب ٿي ويو، امير اهلسنت دَامَت بَرَكَاتُهُمُ العَالِيه **جي حڪمت ڀري** ڳالهين ان جي دل تي ايترو اثر ڪيو جو ان جي زندگي ۾ مدني انقلاب اچي ويو، اَلحَمدُ لله ان گناهن کان سچي توبه ڪئي ۽ چهري کي ڏاڙهي شريف سان سجائي ورتو، پنج ئي نمازون مسجد ۾ وڃي باجماعت ادا ڪرڻ لڳو، ان کي

نمازون پڙهندو ڏسي ان جي 12 سالن جي پٽ ۽ 10 سالن جي نياٽي بہ نمازون پڙهڻ لڳي. پٽ تہ باجماعت نماز جي ادائيگي جي لاءِ ان سان گڏ ويندو هو. (فيضان مدنی مذاکرہ، صفحہ:72)

## ڪلمو اينڊ دُعا (Kalma&Dua) ايپ جو تعارف

**پيارا اسلامي ڀائرو!** عاشقانِ رسول جي ديني تحريڪ دعوت اسلامي جي آئي، ٽي ڊيپارٽمنٽ هڪ تمام ئي پياري موبائل ايپليڪيشن (Application) بنام ”ڪلمو ۽ دُعا“ (Kalma &Dua) جاري ڪئي آهي. هن ايپليڪيشن جي ذريعي تمام آسان انداز سان ٻارن جي تربيت ڪري سگهجي ٿي. ❖ هن ايپليڪيشن ۾ ٻارن جي لاءِ 6 ڪلما آواز (Audio) جي صورت ۾ لفظ جي ادائيگي ۽ ترجمي سان گڏ ❖ روزمره جون 16 مختلف دعائون مثال طور پاڻي پيئڻ جي دُعا، کاڌو کائڻ کان پهريان جي دُعا، ۽ کاڌو کائڻ کان بعد جي دُعا، کير پيئڻ جي دُعا، سمهڻ وقت جي دُعا وغيره لفظ جي ادائيگي ۽ ترجمي سان گڏ ❖ ۽ مختلف موضوعن تي سنتون ۽ آداب مثال طور کاڌو کائڻ جون سنتون ۽ آداب، سلام ڪرڻ جون سنتون ۽ آداب، پاڻي پيئڻ جون سنتون ۽ آداب وغيره. اوهان بہ پنهنجي موبائل ۾ اها ايپليڪيشن انسٽال ڪري فائدو وٺو ۽ ٻين کي بہ ترغيب ڏياريو.

صَلُّوا عَلَی الحَبِیب! صَلَّی اللهُ عَلٰی مُحَمَّد

**پيارا اسلامي ڀائرو!** بيان کي اختتام ڏانهن آڻيندي سُنّت جي فضيلت ۽ چند آدابِ زندگي بيان ڪرڻ جي سَعَادت حاصِل ڪيان ٿو. هڪ ڏينهن تاجدارِ رسالت، شهنشاهِ نبوت صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ٽي پيرا فرمايو: منهنجي نائِب تي الله پاڪ جي رَحمت هجي. عَرض ڪيو ويو: حُضُور! اوهان جا نائِب ڪير آهن؟ فرمايائون: منهنجي سُنّت سان مَحبَّت ڪرڻ ۽ ٻين کي سيکارڻ وارا. (جامع بیانِ عِلْم، بَابُ:عِلْم کے فضائل، جلد: 1صفحہ:201، حدیث:220)

سنّت کے مطابق میں ہر اِک کام کروں کاش! تُو پیکرِ سنّت مجھے اللہ بنا دے

## ”نرمي“ سُنَّتِ مصطفيٰ آهي

**ٻه فرمان مصطفيٰ** صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ **(1): بيشڪ الله پاڪ نرمي فرمائڻ وارو آهي ۽ نرمي کي پسند فرمائي ٿو.** (ابن ماجه، ڪتاب:الادب، باب:الرفق، صفحه:594، حديث:3688) **(2) : نرمي جنهن شيءِ ۾ هوندي آهي اُن کي زينت بخشيندي آهي.** (ابو داؤد، ڪتاب:الادب، باب:فی الرفق، صفحه:756، حديث:4808)

**اي عاشقانِ رسول! نرمي ڪرڻ اسان جي پياري پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ** صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ **جي پياري پياري سنّت مبارڪ آهي بلڪ ”نرمي“ ته مصطفيٰ جانِ رحمت، شمعِ بزمِ هدايت** صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ **جو اهو مبارڪ وصف آهي جو الله پاڪ پنهنجي پاڪيزه ڪلام، قرآنِ ڪريم ۾ به ان جو ذِڪر فرمايو آهي، ارشاد آهي:**

| | |
|---|---|
| فَبِمَا رَحْمَةٍ مِّنَ اللّٰهِ لِنْتَ لَهُمْ<br>(پاره4،سورۃآلِ عمران:159) | **ترجمو ڪنزالايمان: پوءِ ڪهڙي نه الله جي مهرباني آهي جو اي محبوب! توهان انهن لاءِ مهربان ٿيؤ.** |

**پيارا اسلامي ڀائرو! ❖ اسان جي آقا ومولیٰ، مُحَمَّد مصطفيٰ** صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ **نهايت نرم دِل هئا، ❖ رسول اڪرم** صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ **چڙٻيندا ڪونه هئا، ❖ پنهنجي ذات جي لاءِ ڪاوڙ نه ڪندا هئا، ❖ ٻارن تي شفقت ڪندا هئا، ❖ صحابه ڪرام** عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان **سان نَرمي جو مُعَامَلو ڪندا هئا، حديثِ پاڪ ۾ آهي: هڪ ڀيري اَعرابي** (عرب جو هڪ ڳوٺاڻو) **مَسجِد نبوي شريف ۾ حاضِر ٿيو** (ظاهر آهي اهو ڳوٺ جو رهواسي هو، مسجد جي آداب بابت گهٽي معلومات نه رکندو هو، ان ڪري ان) **مسجد ۾ بيهي پيشاب ڪرڻ شروع ڪيو، صحابه ڪرام ان کي فرمايو: بيهو! بيهو! ان تي پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ** صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ **صحابه ڪرام** عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان **کي روڪيو. ايستائين جو جڏهن اهو اَعرابي فارغ ٿيو ته رسولِ اڪرم، مبلغ اعظم** صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ **ان کي گهرائي (نرمي) سان مَسجِد جا آداب سيکاريا ۽ صحابه ڪرام** عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان **کي ان جڳهه تي پاڻي هاري پاڪ ڪرڻ جو حڪم ارشاد فرمايو.** (مسلم، ڪتاب:الطہارۃ، باب:وجوب غسل البول، صفحه:123، حديث:284)

**الله پاڪ اسان کي بہ رَحمت و شفقت فرمائڻ واري آقا، ٻنهي جهانن جي داتا** صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ **جي صدقي ۾ نرمي ڪرڻ، لهجو نرم رکڻ، طبيعت ۾ نرمي پيدا ڪرڻ، اجائي ڪاوڙ ڪان، دڙڪا ڏيڻ کان بچڻ جي توفيق عطا فرمائي.**

اٰمِیْن بِجَاہِ النَّبِیِّ الْاَمِیْن صلَّی اللہ علیہ واٰلہٖ وسلَّم

ہے فلاح و کامرانی نرمی و آسانی میں ہر بنا کام بگڑ جاتا ہے نادانی میں

صَلُّوا عَلَی الحَبِیب! صَلَّی اللہُ عَلٰی مُحَمَّد

## دعوتِ اسلامي جي هفتيوار سنتن ڀري اِجتِماع ۾ پڙهيا ويندڙ 6 درود شريف ۽ 2 دعائون

### ﴾1﴿ جمعہ جي رات جو دُرُود

اَللّٰهُمَّ صَلِّ وَسَلِّمْ وَبَارِكْ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدِ النَّبِيِّ الْاُمِّيِّ الْحَبِيْبِ الْعَالِي الْقَدْرِ الْعَظِيْمِ الْجَاهِ وَعَلٰى اٰلِهٖ وَصَحْبِهٖ وَسَلِّمْ

بزرگن فرمايو ته جيڪو شخص هر جمعرات (جمعہ ۽ خميس جي وچين رات) هن دُرُود شريف کي پابندي سان گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڀيرو پڙهندو موت جي وقت سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي زيارت ڪندو ۽ قبر ۾ داخل ٿيڻ وقت به ايستائين هو ڏسندو ته سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ان کي پنهنجي هٿن سان قبر ۾ داخل ڪري رهيا آهن. (افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة السادسة والخمسون، ص151ملخصًا)

### ﴾2﴿ سمورا گُناہ مُعاف

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا وَمَوْلَانَا مُحَمَّدٍ وَّعَلٰى اٰلِهٖ وَسَلِّمْ

حضرتِ سَيِّدُنا انس رَضِیَ اللهُ عَنْہ کان روايت آهي ته تاجدارِ مدينه صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: جيڪو شَخص هي دُرُود شريف پڙهي جيڪڏهن بيٺل هو تو ويهڻ کان پهريان ۽ ويٺل هو ته بيهڻ کان پهريان، ان جا گناهہ معاف ڪيا ويندا. (افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة الحادية عشرة، ص 65)

### ﴾3﴿ رَحمت جا ستر دروازا

صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّدٍ

جيڪو هي دُرُود شريف پڙهندو آهي ان تي رحمت جا ستر دروازا کوليا

ويندا آهن. (القول البديع، الباب الثانی، ص277)

## ﴿4﴾ ڇھ لک دُرُود شريفن جو ثواب

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ عَدَدَ مَا فِيْ عِلْمِ اللّٰهِ صَلَاةً دَآئِمَةً بِدَوَامِ مُلْكِ اللّٰهِ

حضرت احمد صاوِي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه ڪِن بُزرگن کان نقل ڪن ٿا هن دُرُود شريف ڪي هڪ ڀيرو پڙهڻ سان ڇھ لک دُرُودشريف پڙهڻ جو ثواب حاصل ٿيندو آهي. (افضل الصلوات علی سید السادات، الصلاۃ الثانیۃ والخمسون، ص149)

## ﴿5﴾ قُربِ مُصطفٰي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ كَمَا تُحِبُّ وَتَرْضٰى لَهٗ

هڪ ڏينهن هڪ شَخص آيو تہ حُضُورِ اَنور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ کيس پنهنجي ۽ صِدّيقِ اڪبر رَضِيَ اللهُ عَنْهُ جي وچ ۾ ويهاريو، انهيءَ تي صَحابَہ ڪرام رَضِيَ اللهُ عَنْهُم کي تَعَجُّب ٿيو تہ اهڙي مرتبي وارو شخص ڪير آهي جڏهن اهو هليو ويو تہ سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: هو جڏهن مون تي دُرُودِ پاڪ پڙهندو آهي تہ هيئن پڙهندو آهي. (القول البديع، الباب الاول، ص125)

## ﴿6﴾ دُرُود شَفَاعت

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ وَّاَنْزِلْهُ الْمَقْعَدَ الْمُقَرَّبَ عِنْدَكَ يَوْمَ الْقِيَامَةِ

شافع امم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن جو فرمان معظم آهي : جيڪو شخص هي درود پاڪ پڙهي ان جي لاءِ منهنجي شفاعت واجب ٿي ويندي آهي. (الترغیب والترهیب، ج ٢، ص ٣٢٩، حدیث ٣١)

## ﴿1﴾ هڪ هزار ڏينهن جون نيڪيون

جَزَى اللّٰهُ عَنَّا مُحَمَّدًا مَا هُوَ اَهْلُهٗ

**حضرتِ سَیِّدُنا ابنِ عباس** رَضِیَ اللہُ عَنْھُمَا **کان رِوايت آهي تہ سرڪارِ مدينہ** صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ **جن فرمايو: هي درود شريف پڙهڻ واري جي لاءِ ستر فرشتا هڪ هزار ڏينهن تائين نيڪيون لکندا آهن.** ( مجمع الزوائد،کتاب الادعیۃ،باب فی کیفیۃ الصلاۃ...الخ،254/10،حدیث:17305)

## ﴿2﴾ جڻ شبِ قدر حاصل ڪري ورتي

لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ الْحَلِيْمُ الْكَرِيْمُ ، سُبْحٰنَ اللّٰهِ رَبِّ السَّمٰوٰتِ السَّبْعِ وَرَبِّ الْعَرْشِ الْعَظِيْم

**(خداءِ حليم و ڪريم کان سواءِ ڪوئي عبادت جي لائق ناهي، الله** عَزَّوَجَلَّ **پاڪ آهي جيڪو ستن آسمانن ۽ عرشِ عظيم جو پروردگار آهي)**

**فرمانِ مصطفيٰ** صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ: **جنهن هن دُعا کي ٽي ڀيرا پڙهيو جڻ ان شبِ قدر کي حاصل ڪري ورتو.** (ابنِ عساکر ج 19، ص 155، حدیث 4455)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد